SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريه 1978

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1978

# سنڌ ڪاٹين تي مليل رعايتون (منسوخي) آرڊيننس، 1978

# THE MINING CONCESSIONS (CANCELATION) ORDINANCE, 1978

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. ڪاٹين تي مليل رعايتون ختم ڪرڻ جو اختيار

Power to cancel mining concessions

4. معاوضي جي ادائگي

Payment of compensation

5. قاعدا

Rules

## سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريه

# 1978

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1978

## سنڌ ڪاڻين تي مليل رعايتون (منسوخي) آرڊيننس، 1978

# THE MINING CONCESSIONS (CANCELATION) ORDINANCE, 1978

تمهيد (Preamble)

[5 نومبر 1978]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪاڻيون ڪوٺڻ ۾ غير قانوني يا سياسي طور تي ڏنل رعايت کي ختم ڪيو ويندو.

جيئن ته ڪاڻيون ڪوٺڻ ۾ غير قانون يا سياسي طور تي ڏنل رعايت کي ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، لاز (ڪنٽينيوئنس ان فورس) آرڊر، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

وصفون

Definitions

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪاڻين تي مليل رعايتون (منسوخي) آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) ”ثالث“ مطلب اهو ماڻهو جنهن ڊسٽرڪٽ جج طور ڪم ڪيو هجي يا ڪم ڪري رهيو هجي.

(b) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت

مائيننگ رعايتون ختم ڪرڻ جو اختيار

Power to cancel mining concessions

(c) ”نقصان“ مطلب آهي اهو نقصان جيڪو ڪنهن بناوٽ يا تنصيبات کي ختم ڪرڻ يا هٽائڻ جي صورت ۾ ٿيو هجي، جيڪي ڪاٽين کي مليل رعايت جي مڪمل مدي دوران ٿيو هجي، يا ٻي رقم جيئن ليز مني، جيڪا اڳواٽ ادائگي ڪئي وئي هجي.

(d) ”ڪاڻ کوٽڻ ۾ رعايت“ ۾ شامل آهي ليز يا لائسنس.

3. (1) ڪنهن قانون، قاعدي يا معاهدي جي خلاف نه آهي ته حڪومت ڪنهن به مائيننگ جي رعايت کي، جيڪا ان (پهرين جنوري 1972 کان 4 جولاءِ 1977 جي وچ ۾) ڪنهن سياسي فاعدي يا ڪنهن قانون جي پڇڪڙي جي نتيجي ۾ ڏني وئي هجي، منسوخ ڪري سگهي ٿي.

(2) جتي ذيلي دفعه (1) تحت ڪا ڪاڻ جي کوٽائي ۾ ڏنلرعايت ختم ڪئي وئي آهي، حڪومت ان سلسلي ۾ مقرر ڪيل ثالث جو کي رجوع ڪري سگهي ٿي.

(3) ثالت جنهن شخص جي مائيننگ جي رعايت ختم ڪئي وئي هوندي، يا ختم ٿيڻ جي نتيجي ۾

کنيل کنهن نقصان جي بدلي ان شخص کي معاوضو ڏيڻ ۽ ادائگي جو ڪاٿو لڳائيندو.

(4) ثالث اهڙي معاوضي لاءِ جاچ ڪرائي سگهي ٿو، جيئن مناسب هجي ۽ هن طرفان جاري ڪيل حڪم کي حتمي سمجهيو ويندو.

معاوضي جي ادائگي

Payment of compensation

(5) ذيلي دفعه (4) تحت جاچ جي مقصد لاءِ، ثالث کي سول ڪورٽ جا اختيار هوندا، جيڪي هن ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 (1908 جو ايڪٽ V) تحت ڪيس هلائڻ جا اختيار هوندا ۽ اهي هيٺين معاملن ۾ حاصل هوندا:

قاعدا

Rules

(a) ڪنهن شخص کي حاضري لاءِ سمن جاري ڪرڻ يا زور پرڻ ۽ ان کان حلف تي ساک وٺڻ

(b) ڪاغذن حاصل ڪرڻ ۽ پيش ڪرڻ جي طلبي

4. ثالت جي حڪم جي تعميل ڪندي حڪومت معاوضو 90 ڏينهن اندر ادا ڪرڻ جي پابند هوندي.

رعايت (Concession) جي منسوخي بعد حڪومت ڪنهن به وقت ان مائيننگ جي رعايت جي علائقي جو قبضو پيهر وٺي سگهي ٿي.

5.حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد ماڻڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.